هفتيوار رسالو




# اربعينِ عطّار

امير اهلِ سُنت جيِ قلم مبارڪ سان
لکيل 40 مبارڪ حديثون

شيخ طريقت، امير اهلسنت، دعوتِ اسلامي جو باني، حضرت علامه مولانا ابو بلال
محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيءَ دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو.

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفكر بيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **اربعينِ عطار (قسط:4)**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

چوٿون دفعو : ربيع الاول 1448ھ اگست 2026ع

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

# اربعينِ عطار (قسط:4)

## ترجمو

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي) **عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْم ط

# اربعين عطار قسط 04

دعاءِ عطار: يا الله پاڪ! جيڪو بہ هي رسالو ”**اربعينِ عطار (قسط: 4)**“ مڪمل پڙهي يا ٻڌي، ان کي خواب ۾ پنهنجي پياري سيني کان آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو ڏيکار ۽ اُن کي ايمان تي مديني ۾ موت عطا فرمائي ڪري ماءُ پيءُ ۽ خاندان سميت جنت الفردوس ۾ بي حساب داخلا نصيب فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

حضرت امام سخاوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”جنهن مون تي هڪ درودِ پاڪ موڪليو، الله پاڪ ان تي ڏهہ رحمتون نازل فرمائي ٿو ۽ جنهن مون تي ڏهہ دفعا درودِ پاڪ موڪليو، الله پاڪ ان تي سو (100) رحمتون نازل فرمائي ٿو ۽ جنهن مون تي سو (100) دفعا درودِ پاڪ موڪليو، الله پاڪ ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکي ڇڏيندو آهي تہ هي ٻانهو نفاق ۽ دوزخ جي باهہ کان بَري آهي ۽ قيامت جي ڏينهن ان کي شهيدن سان گڏ رکندو“. (القول البديع، ص 233)

(1)

# افضل عبادت

قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اَفْضَلُ الْعِبَادَةِ اَلْفِقْهُ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: افضل عبادت دين جا مسئلا سکڻ آهي.
(نوادر الاصول، 169/1،حديث:111)

شرحِ حديث: تمام علوم کي پرکڻ ۽ جاڻڻ ممکن ناهي، ان کري اهم ترين علوم کي سکڻ تي توجهه ڏيڻ ۽ انهن مان جيکو سڀ کان افضل هجي اهو حاصل کرڻ گهرجي. ۽ اهو ”علمِ فقہ“ آهي، ڇوتہ ان کي حاصل کرڻ سان ماڻهو هدايت ماڻيندا آهن ۽ ان جي اڻڄاڻائيءَ سبب گمراهہ ٿي ويندا آهن ڇوتہ علم ئي انسان کي عبادت ۽ ان جي فضيلت تي اياريندو آهي، جڏهن تہ کو عبادت کندڙ مسئلن کان واقف نہ هجي جيکي عبادت کي درست يا خراب کندا آهن، تہ ٿي سگهي ٿو تہ اها شروع کان عبادت ئي نہ رهي. (تنهنکري هر عبادت بابت ضروري مسائل سکيا وڃن.) (فيض القدير،648/3،تحت الحديث:4068 بتغير قليل)

## (2)

# حرام سان پلجندڙ

قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لَا يَدْخُلُ الْجَنَّةَ جَسَدٌ غُذِّىَ بِحَرَامٍ

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”حرام سان پلجندڙ جسم جنت ۾ داخل نہ ٿيندو.“ (مسند بزار،105/1،حديث: 43،مسندِ ابی یعلیٰ ،57/1، حديث: 79)

امام ذهبي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث جي تحت فرمائن ٿا تہ: ڌاڙيل، چور، مسخرا (ڪاميڊين)، خيانت ڪندڙ، ماپ تور ۾ گهٽتائي ڪندڙ، عيب واري شيءِ عيب ٻڌائڻ جي بغير لڪائي وڪڻندڙ ۽ جوا ڪيڏيندڙ، اهي سڀ جو سڀ هن حديثِ پاڪ جي وعيد ۾ داخل آهن. (الکبائرللذہبی،ص136)

(3)

## مسجد سان محبت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مسجد سان مَحبت ڪندو آهي اللّٰه پاڪ ان کي پنهنجو پيارو بڻائي وٺندو آهي.

(معجم اوسط،400/4،حديث:6383)

اللّٰه پاڪ کي راضي ڪرڻ لاءِ جيڪو شخص بہ (مسجد ۾) اعتڪاف، نماز، ذڪرِ اِلاهي يا دين جون ڳالهيون سکڻ سيکارڻ جي نيت سان ويهڻ جو عادي هجي، اللّٰه پاڪ کيس پنهنجي رحمت جي ڇانوَ ۾ خاص حفاظت ۾ پناهہ عطا فرمائيندو آهي.

(فيض القدير،112/6،تحت الحديث:8524)

(4)

## رحم ناهي ڪيووئيندو

فرمانِ آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم:

مَنْ لَّا يَرْحَمُ لَا يُرْحَمُ

يعني جيڪو رَحَم ناهي ڪندو ان تي بہ رحم ناهي ڪيو ويندو.

(بخاری،4/103،حديث:6013 ، 4/100، حديث: 5997)

شرحِ حديث: جنهن جي دل ۾ رحم ناهي، ان تي اللّٰه پاڪ بہ رحم ناهي فرمائيندو. (مِرأة المناجيح، 6/355)

(5)

# مريض جي دعا رد ناهي ٿيندي

قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: «لَا تُرَدُّ دَعْوَةُ الْمَرِيْضِ حَتَّى يَبْرَأَ»

فرمانِ آخري نبي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”مريض جيستائين تندرست نہ ٿي وڃي ان جي ڪا بہ دعا رد ناهي ٿيندي. (يعني مڪمل صحتياب ٿيڻ تائين يا سندس وفات تائين سندس دعائون قبوليت جي درجي تي هونديون آهن).

(مرقاة المفاتيح،31/5،تحت الحديث:2660) (موسوعہ ابن ابی دنیا،243/4،کتاب المرض والکفارات،حديث:70

(6)

# شيطان کان حفاظت جي دعا

اِذَا اَخَذَ اَحَدُكُمْ مَضْجَعَهُ مِنَ اللَّيْلِ فَلْيَقُلْ:

بِسْمِ اللهِ اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطَانِ الرَّجِيْم

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جيڪو شخص رات جو پنهنجي بستري تي وڃي تہ هي چئي وٺندو ڪري:

بِسْمِ اللهِ أُعُوْذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط

(معجم كبير ، 176/2، حديث: 1722)

(7)

# سچو سال سلامتي

قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ سَلَّمَ : اِذَا سَلِمَ رَمَضَانُ سَلِمَتِ السَّنَةُ

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جنهن جو رمضان سلامتيءَ سان گذرندو آهي تہ ان جو سڄو سال سلامتيءَ سان گذرندو آهي.“

(شعب الايمان،3/340، حديث: 3708)

شرحِ حديث: يعني جنهن جو رمضان المبارڪ جو مهينو گناهن کان بچندي گذري ويو، ان جو سڄو سال (گناهن جي) پڪڙ کان محفوظ رهندو. ڇوتہ الله پاڪ هر قوم لاءِ هڪ اهڙو ڏينهن بڻايو آهي جنهن ۾ هو الله پاڪ جي عبادت لاءِ فارغ ٿيندا آهن، تنهنڪري اسان جي عبادت جو ڏينهن جمعو آهي، جيئن رمضانُ المبارڪ جو مهينو ٻين مهينن ۾ عبادت جو مهينو آهي، ۽ جمعةُ المبارڪ ۾ قبوليتِ دعا جو وقت آهي ائين ئي رمضانُ المبارڪ ۾ ليلةُ القدر واري رات دعا جي قبوليت جو وقت آهي تنهنڪري جيڪو جمعي جي ڏينهن گناهن کان بچيو اهو تمام ڏينهن ۾ گناهن کان محفوظ رهندو ۽ جيڪو رمضانُ المبارڪ ۾ گناهن کان بچيو اهو سڄو سال گناهن کان محفوظ رهندو.

(التيسير بشرح الجامع الصغير ، 1/ 106)

## (8)

# مسجدِ قبا ۾ نماز

اَلصَّلَاةُ فِی مَسْجِدِ قُبَاءٍ کَعُمْرَةٍ

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”مسجدِ قبا ۾ نماز پڙهڻ ”هڪ عمري“ (جي ثواب) جي برابر آهي.“ (ترمذی،1/348،حدیث:324)

## (9)

# پريشانيون دور ڪرڻ جو نسخو

مَنْ اَحَبَّ اَنْ يَسْمَعَ اللهُ عَزَّوَجَلَّ دَعْوَتَهُ وَيُفَرِّجَ كُرْبَتَهُ فِى الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ فَلْيُنْظِرْ مُعْسِرًا وَلْيَدْعُ لَهُ. وَمَنْ سَرَّهُ اَنْ يُّظِلَّهُ اللهُ عَزَّوَجَلَّ مِنْ فَوْرِ جَهَنَّمَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ وَيَجْعَلَهُ فِىْ ظِلِّهِ فَلَا يَكُوْنَنَّ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ غَلِيْظاً وَلْيَكُنْ بِهِمْ رَحِيْماً

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن کي پسند هجي ته الله پاڪ ان جي دعا قبول فرمائي ۽ دنيا توڙي آخرت جون پريشانيون دور ڪري، ته ڪيس گهرجي ته ڪنهن تنگدست جي سار سنڀال ڪري يا ان جي مدد ڪري، ۽ جيڪو چاهي ته الله پاڪ قيامت جي ڏينهن ڪيس جهنم جي ٻاڦ کان بچائي پنهنجي رحمت جي ڇانوَ ۾ جڳهه عطا فرمائي، ته هو مسلمانن تي سختي نه ڪري بلڪ نرميءَ سان پيش اچي. (شعب الايمان،537/7،حديث:11260-حلية الاولياء،148/5،حديث:6646)

شرح حديث: جيڪو ٻانهو هي چاهي ٿو ته سندس دعا قبول ڪئي وڃي ۽ سندس پريشاني دور ڪئي وڃي، ته ڪيس گهرجي ته ڪنهن تنگدست قرضدار کي مهلت ڏئي ڪري، يا ان جو قرض ادا ڪري يا قرض معاف ڪري، يا ان جي سفارش ڪري، يا قرض جي مطالبي ۾ دير ڪري گنجائش فراهم ڪري ۽ هن روايت ۾ تنگدست مقروض جي لاءِ آساني پيدا ڪرڻ جي عظيمُ الشان فضيلت، ان جي رغبت ڏيارڻ ۽ ان تي اڀارڻ جو بيان آهي اهو ڪنهن کان لڪيل ناهي.

(فيض القدير،66/6،تحت الحديث:8390)

## (10)

# سچ نجات ڏياريندو آهي

فرمانِ آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم:

اِنَّ الصِّدۡقَ یُنۡجِیۡ۔

ترجمو: بيشڪ سچ نجات ڏياريندو آهي. (جامع الصغير،ص257، حديث:4212)

**شرح حديث:** يعني سچائيءَ ۾ نجات آهي، جيتوڻيڪ انسان گمان ڪري ته ان ۾ هلاڪت (يعني نقصان) آهي. تنهنڪري جڏهن توهان پنهنجي دل ۾ ڪنهن شيءِ بابت شڪ، شبهو محسوس ڪريو ته ان کي ڇڏي ڏيو، ڇوته ڪامل مؤمن سچائيءَ تي مطمئن ٿي ويندو آهي جنهن ۾ هلاڪتن کان نجات هوندي آهي ۽ ڪوڙ کان ڪٽڪڻ لڳندو آهي. (فيض القدير،3/705-706،تحت الحديث:4212)

(11)

# روزگار جي تڪليف جوهڪ سبب

قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم «اِنَّ مِنَ الذُّنُوْبِ ذُنُوْبًا لَا تُكَفِّرُهَا الصَّلَاةُ وَلَا الصِّيَامُ وَلَا الْحَجُّ وَلَا الْعُمْرَةُ» قَالُوْا: فَمَا يُكَفِّرُهَا يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قَالَ: «اَلْهُمُوْمُ فِيْ طَلَبِ الْمَعِيْشَةِ»

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: گناهن مان ڪجهه گناهه اهڙا هوندا آهن جن کي رزق حاصل ڪرڻ ۾ پهچندڙ ڏک ۽ غم ئي مٽائي سگهي ٿو. (معجم اوسط، 42/1، حديث: 102)

شرحِ حديث: يعني ڪجهه گناهه اهڙا آهن جن کي نه فرض ۽ نفل نماز مٽائي سگهي ٿي، نه ئي فرض ۽ نفلي روزا ۽ نه ئي حج و عمرو مٽائي سگهن ٿا ۽ زڪوات جو ذڪر ان ڪري نه ڪيو ويو جو جڏهن عرض ڪيو ويو ته پوءِ انهن گناهن کي ڪهڙي شيءِ مٽائي ٿي؟ ته نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهن کي حلال رزق جي ڳولا ۾ پهچندڙ غمَ مٽائيندا آهن.

12

# ايمان جي حقيقت ماڻھ وارو ڪير؟

اَلنَّبِيُّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قَالَ: لِكُلِّ شَيْءٍ حَقِيْقَةٌ، وَمَا بَلَغَ عَبْدٌ حَقِيْقَةَ الْاِيْمَانِ حَتّٰى يَعْلَمَ اَنَّ مَا اَصَابَهُ لَمْ يَكُنْ لِيُخْطِئَهُ، وَمَا اَخْطَاَهُ لَمْ يَكُنْ لِيُصِيْبَهُ

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "ٻانھو ان وقت تائين ايمان جي حقيقت کي نٿو ماڻي سگھي، جيستائين ھو اھو نہ سمجھي تہ جيڪو ڪجھ مٿس گذريو، اھو گذرڻ جي لاءِ ئي ھو. (مسند امام احمد،45/482،حديث:27490)

شرحِ حديث: ھر شيءِ جي ھڪ حقيقت يعني اصل ھوندي آھي. ۽ ڪو بہ ٻانھو ايمان جي حقيقت کي ان وقت تائين نٿو پھچي سگھي جيستائين ھو ھن ڳالھ جو يقيني علم حاصل نہ ڪري وٺي تہ تقدير ۾ جيڪو لکيل آھي، اھو ڪيس ملي رھندو، ڇوتہ ازل ۾ جيڪو ڪجھ ان جي مقدر ۾ لکيو ويو، اھو ان کي ضرور ملندو، ۽ ان مان ڪجھ بہ ان کان علاوه ڪنھن ٻئي کي نٿو ملي سگھي ۽ تقدير مان جيڪو ڪجھ ان کي نہ ملي سگھيو، اھو ان کي ڪڏھن بہ نٿي ملي سگھيو، جيتوڻيڪ ھي ان کي حاصل ڪرڻ جي ڪيڏي بہ ڪوشش ڇونہ ڪري ھا، ڇوتہ ھي ظاھر ٿي ويو تہ ھي ان جي مقدر ۾ ھو ئي نہ، ۽ ھن کي اھو ئي ملندو آھي جيڪو ان جي مقدر ۾ لکيو ويو ھجي. (فيض القدير،2/646-647،تحت الحديث:2417)

(13)

# پسند جي شيءِ کارائڻ جو ثواب

قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مَنْ اَطْعَمَ اَخَاهُ الْمُسْلِمَ شَهْوَتَهُ حَرَّمَهُ اللهُ عَلَى النَّارِ

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو پنهنجي مسلمان ڀاءُ کي ان جي پسند جي شيءِ کارائي، الله پاڪ ان کي جهنم جي باهه تي حرام ڪري ڇڏيندو. (شعب الايمان للبيهقی، 222/3، حديث: 3382)

شرحِ حديث: هن مان مراد هميشه رهڻ واري اها باهه آهي جيڪا ڪافرن لاءِ تيار ڪئي وئي آهي، ڇوته اهڙيون حديثون موجود آهن جيڪي هن ڳالهه تي دلالت ڪن ٿيون ته گناهگار جي هڪ گروهه کي (به) عذاب ڏنو ويندو.“ (فيض القدير،92/6،تحت الحديث:8465)

14)

# علم تي عمل نہ ڪندڙن لاءِ تباهي آهي

قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وَیْلٌ لِمَنْ لَا یَعْلَمُ، وَوَیْلٌ لِمَنْ عَلِمَ ثُمَّ لَا یَعْمَلُ

فرمانِ آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: ”ان شخص لاءِ تباهي آهي جيڪو علم حاصل نہ ڪري، ۽ ان لاءِ بہ تباهي آهي جيڪو علم تہ حاصل ڪري پر ان تي عمل نہ ڪري. (حلية الاولياء،119/4،حديث:4967،ڪنز العمال، 86/5، حديث: 29036)

شرحِ حديث: نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اها ڳالهہ (يعني.......) تي پيرا ارشاد فرمائي. جيڪو شخص علم حاصل ڪرڻ ۾ ان لاءِ مشغول ٿئي تہ جيئن ان جي ذريعي عالمن جي مجلسن ۾ جاءِ ٺاهي، پنهنجي همعصرن ۽ هم پئلو ماڻهن تي برتري حاصل ڪري ، يا شاهي دربارن ۾ پنهنجو مرتبو بلند ڪري ۽ علم ڪي ذريعو بڻائي (حڪمرانن جي) عطين، وظيفن ۽ اوقاف جي عهدن تائين پهچ حاصل ڪري، تہ پوءِ ان ڪان جهالت وڌيڪ بهتر آهي، ڇو جو شيطان ڪيس پڻڪائي ڇڏيو آهي ۽ ان کي سندس (جنتي) نڪاڻي ۽ موٽڻ جي جاءِ (يعني قيامت جي ڏينهن جي حساب) کان غافل ڪري ڇڏيو. (فيض القدير،479/6-480،تحت الحديث:9656)

## (15

# ٻار جي سٺي تربيت جو ثواب

عَائِشَةَ، قَالَتْ: سَمِعْتُ رَسُوْلَ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم يَقُوْلُ: «مَنْ رَبَّى صَغِيْرًا حَتَّى يَقُوْلَ: لَا إِلَهَ إِلَّا اللّٰهُ لَمْ يُحَاسِبْهُ اللّٰهُ عَزَّوَجَلَّ»

ام المؤمنين بيبي عائشہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا روايت ڪن ٿيون تہ رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: ”جنهن ڪنهن ٻار جي پرورش ڪئي ايستائين جو هو لَا اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ چوڻ لڳي، تہ رب ڪريم ان تربيت ڪندڙ جو حساب نہ وٺندو.“ (مُعجمِ اَوسط، 3 /370، حديث: 4865)

شرحِ حديث: صغير (يعني ٻار) جو لفظ پنهنجي اولاد، ٻين جي اولاد، يتيم ۽ غير يتيم سڀني کي شامل آهي ۽ هي ان ڪري جو هر ٻار فطرتِ اسلام تي پيدا ٿيندو آهي جيئن تہ حديثِ پاڪ ۾ آيو آهي تنهنڪري جنهن ٻار جي پرورش اصل فطرت (يعني اسلام) جي مطابق ڪئي ايستائين جو هو سمجهدار ٿي ويو ۽ ايمان جي گواهي ڏني، تہ ان کي مطلقاً بنا حساب جي جنّت ۾ داخل ڪيو ويندو ۽ هي احتمال (يعني شبهو) بہ آهي تہ ”بنا حساب“ مان حساب جي آساني مراد هجي. (فيض القدير،6/174-175،تحت الحديث:8696)

16)

# ظالم جي مدد جو نقصان

قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم «مَنْ اَعَانَ ظَالِمًا عَلٰى ظُلْمِهٖ جَاءَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ، وَعَلٰى وَجْهِهٖ مَكْتُوْبٌ آيِسٌ مِنْ رَحْمَةِ اللهِ»

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جنهن ڪنهن ظالم جي ان جي ظلم تي مدد ڪئي، اهو قيامت جي ڏينهن اهڙي حال ۾ ايندو جو ان جي پيشانيءَ تي لکيل هوندو: آيِسٌ مِّنْ رَّحْمَةِ اللهِ يعني ”هي الله جي رحمت کان مايوس آهي.“ (مسند الفردوس، 297/2، حديث: 6232)

شرحِ حديث: يعني الله پاڪ ان کي قيامت جي ڏينهن تمام مخلوق جي سامهون ان جي پنهي اکين جي درميان لکيل هڪ خوفناڪ نشاني سان ذليل ۽ رسوا ڪندو، (ظالم جي ظلم جي وعيدن مان) هن روايت کان وڌيڪ سخت وعيد نه ڏٺي وئي. (شرح الطيبى على المشكاة،80/7،تحت الحديث:3484)

(17)

## سٺو دوست ڪير؟

قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم «اَلَا اُخْبِرُكُمْ بِخَيْرِ جُلَسَائِكُمْ؟ مَنْ ذَكَّرَكُمُ اللهَ رُؤْيَتُهُ، وَزَادَكُمْ فِي عِلْمِكُمْ مَنْطِقُهُ، وَذَكَّرَكُمْ فِي الْاٰخِرَةِ عَمَلُهُ»

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”سٺو هم نشين (يعني ساٿي، دوست) اهو آهي جو ان کي ڏسڻ سان توهان کي خدا ياد اچي ۽ ان جي گفتگو سان توهان جي عمل ۾ اضافو ٿئي ۽ ان جو عمل توهان کي آخرت جي ياد ڏياري.“ (موسوعة ابن ابی دنيا،کتاب الاولياء،393/2،حديث:25،)

شرح حديث: بيشڪ جڏهن ماڻهو الله وارن مان ڪنهن کي ڏسندو آهي ته ان کي آخرت ياد اچي ويندي آهي ۽ هو موت کان پوءِ (واري زندگي) لاءِ عمل ڪرڻ لڳندو آهي تنهنڪري باعمل عالمن ۽ سچن اولياءِ ڪرامن رحمهم الله جي زيارت ڪرڻ هڪ بهترين علاج آهي. جڏهن ماڻهو انهن مان ڪنهن جي عمل کي ڏسندو آهي ته پنهنجي بصيرت ذريعي سندن آخرت واري بهترين ڪوشش ۽ الله پاڪ جي نعمتن جو حقدار هجڻ کي سڃاڻي وٺندو آهي ته پوءِ سندس دل ۾ ان (نيڪ ٻانهي) جي محبت پيدا ٿي ويندي آهي ان کان پوءِ هو به ان (نيڪ شخص) جي نيڪ ڪمن وانگر نيڪيون ڪرڻ لڳندو آهي جنهن جي ڪري هو پڻ فلاح پائيندڙن (يعني ڪامياب ٿيندڙن) ۾ شامل ٿي ويندو آهي. انهيءَ ڪري ئي نيڪ ماڻهن جي صحبت اختيار ڪرڻ جي ترغيب ڏياري وئي آهي، ڇوته هي اهي پاڪ هستيون آهن، جن جي ويجهو ويهڻ وارو به بدبخت ناهي رهندو. (فيض القدير،647/3،تحت الحديث:4063)

(18)

# ٽيڪ لڳائي کائڻ

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

لَا اٰكُلُ مُتَّكِئًا

يعني مان ٽيڪ لڳائي نہ کائيندو آهيان.

(صحيح بخاری،3/528،حديث:5398)

شرحِ حديث: اِهو بہ احتمال (امڪان) آهي تہ هن حديثِ پاڪ ۾ ”الاتڪاء“ (ٽيڪ لڳائڻ) مان مراد هي هجي تہ: انسان پنهنجي پٺي ڪنهن شيءِ سان لڳائي ويهي، يا پنهنجو هڪ هٿ زمين تي رکي ان تي ٽيڪ ڏئي، يا زمين تي ٽيڪ ڏيندي بلڪل سڌو ٿي ڄمي ويهي رهي. کائڻ وقت اهي سيئي طريقا منع آهن، ڇوتہ انهن ۾ تڪبر لڌو وڃي ٿو. (مرقاة المفاتيح شرح المصابيح،4/502،تحت الحديث:3197)

(19)

# مسلمان جو مال ٻئي لاءِ حلال ناهي

لَا يَحِلُّ مَالُ امْرِئٍ مُسْلِمٍ اِلَّا بِطِيْبِ نَفْسٍ مِنْهُ

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”يعني ڪنهن مسلمان جو مال ان جي دلي خوشيءَ کانسواءِ ٻئي شخص لاءِ حلال ناهي.“
(مسند ابی يعلی،91/2،حديث:1567)

شرحِ حديث: هي فرمانِ عاليشان هن ڳالهه تي دلالت ڪري ٿو تہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو حڪم رحم دلي ۽ مدد ڪرڻ جي طور تي آهي نہ وري هي مباح (يعني جائز) ڪرڻ جي لاءِ جو ڪو شخص پنهنجي دوست جو مال ڦٻائي ۽ ان جي ملڪيت ۾ مداخلت ڪري. (اعلام الحديث شرح صحيح البخاری،1229/2،تحت الحديث:2463،جامعہ ام القری مکة المکرمہ1429ھ)

(20)

# نابينا ماڻهن لاءِ خوشخبري

قَالَ رَسُول اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيه وَسَلَّم: مَا ابْتُلِيَ عَبد بَعْدَ ذَهَابِ دِينِهِ بِأَشَدَّ مِنْ بَصَرِهِ، وَمَنْ ابْتُلِيَ بِبَصَرِهِ فَصَبَرَحَتَّى يَلْقَى اللهَ لَقِيَ اللهَ تَبَارَكَ وَتَعَالَى، ولاَحِسَابَ عَلَيْهِ.

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: دين وڃڻ کان پوءِ سڀ کان وڏي آزمائش بينائيءَ (يعني نظر جو هليو وڃڻ) آهي. پوءِ جنهن صبر ڪيو ايستائين جو انهيءَ حالت ۾ الله سان ملاقات ڪيائين، ته ان تي ڪو حساب نه هوندو. (مسند بزار،244/10،حديث:4342)

اِنَّ فَقْدَ اِحْدَى الْعَيْنَيْنِ فِيْهِ الْجَنَّةُ

شرح حديث: حضرت علامه علي قاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ڪجھ روايتن ۾ هڪ اک جي بينائي ختم ٿيڻ تي به اها ئي فضيلت آئي آهي. (مرقاة المفاتيح،28/4،تحت الحديث:1549)

هي به چيو ويو آهي ته انساني بدن ۾ هي (يعني هڪ اک يا ٻنهي اکين کان محروم ٿي وڃڻ) سڀ کان وڏي مصيبت آهي چيو وڃي ٿو ته نابينا فوت ٿي ويل ٻانهي جيان زمين تي هلندو آهي.

(21)

# روزانو پنجن حجن جو ثواب ڪمايو

مَنْ خَرَجَ عَلٰى طُهْرٍ لَا يُرِيْدُ اِلَّا مَسْجِدِىْ هٰذَا يُرِيْدُ مَسْجِدَ الْمَدِيْنَةِ لِيُصَلِّيَ فِيْهِ كَانَ بِمَنْزِلَةِ حَجَّةٍ

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "جيڪو شخص وضو ڪري منهنجي مسجد ۾ نماز پڙهڻ جي ارادي سان نڪري، اهو ان لاءِ هڪ حج جي برابر آهي. (تاريخ بخارى،379/8،دائرة المعارف العثمانيه حيدر آباد ہند) (شعب الايمان،499/3،حديث:4191)

(22)

# استاد بڻائي موڪليو ويو

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم:

اِنَّمَا بُعِثْتُ مُعَلِّمًا

يعني مونکي معلم (تعليم ڏيندڙ) بڻائي ڪري موڪليو ويو آهي.

(ابن ماجه، 150/1،حديث:229)

شرحِ حديث: رسول الله صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن براهِ راست **الله تبارڪ وتعاليٰ** جي سيکارڻ سان معلم آهن. پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن **ڪنهن بہ مخلوق کان ڪجهہ بہ نہ سکيو آهي، انهي تي اڪتفاءَ ڪيو.**

(23)

# فرائض کان پوءِ سڀ کان افضل عمل

قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: اِنَّ اَحَبَّ الْاَعْمَالِ اِلَى اللهِ بَعْدَ الْفَرَائِضِ اِدْخَالُ السُّرُوْرِ عَلَى الْمُسْلِمِ

فرمانِ آخري نبي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي: ”الله پاڪ جي ويجهو فرائض جي ادائيگي کان پوءِ سڀ کان وڌيڪ پسنديده عمل ڪنهن مسلمان جي دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ آهي.“ (معجم کبير،59/11،حديث:11079)

شرحِ حديث: هن طرح جو توهان هر اهو ڪم ڪريو (جنهن جي شريعت اجازت ڏي) ان سان مسلمان جي دل خوش ٿئي، جيئن ڪنهن نعمت جي حاصل ٿيڻ تي يا ڪنهن جي مصيبت دور ٿيڻ تي يا ڪنهن جو غم دور ٿيڻ تي يا ڪنهن بي سهاري جي مدد ڪرڻ يا ڪنهن به قسم جي خوشخبري پهچائي ڪيس خوشخبري ڏيو.

(فيض القدير شرح الجامع الصغير،216/1،تحت الحديث:200)

## (24)

# هٿ ملائڻ ۾ اڳرائي ڪرڻ جو ثواب

قَالَ: رَسُوْلُ اللہِ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَسَلَّمَ: «فَإِذَا تَصَافَحَا نَزَلَتْ عَلَيْهِمَا مِائَةُ رَحْمَةٍ، لِلْبَادِي مِنْهُمَا تِسْعُونَ وَلِلْمُصَافِحِ عَشَرَةٌ»

فرمانِ آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: ”ٻه مسلمان جڏهن پاڻ ۾ هٿ ملائيندا آهن ته الله پاڪ جون 100 رحمتون نازل ٿينديون آهن، 90 رحمتون هٿ ملائڻ جي شروعات ڪندڙ تي ۽ 10 رحمتون ٻئي تي.“ (مسند بزار،437/1،حديث:308)

شرح حديث: چوته مؤمن تي ايمان جي علامت ۽ وقار ۽ اسلام جي رونق ۽ خوبصورتي هوندي آهي. تنهنڪري انهن ٻنهي مان جيڪو خوش اخلاقيءَ ۾ جيترو بهتر هوندو، اهو ايمان جي وقار کي اوترو ئي وڌيڪ سمجهڻ وارو هوندو. انهن ٻنهي مان جيڪو الله پاڪ کان جيترو وڌيڪ غافل هوندو، اهو الله پاڪ جي احسانن کان به اوترو ئي غافل هوندو جيڪي ان هنن ٻنهي تي ڪيا آهن. ان ڪري مؤمن پنهنجي رب جي طرف شوق جي ڪري ان جي ملاقات جو پياسو هوندو آهي، جيئن ته جڏهن هو ڪنهن ٻئي مؤمن کي ڏسندو آهي ته سندس روح (پنهنجي رب سان ملاقات جي لاءِ) تازو ٿي ويندو آهي ۽ ان جي دل پنهنجي مولا جي آثار (يعني ايماني علامتن) جي راحت سان مُرڪي پوندي آهي جيڪي ان (ٻئي مومن ۾) لڌا. هو پنهنجي خوشيءَ جو اظهار ڪندو آهي ته هو الله پاڪ جي طرف ان جي لاءِ جيڪو حصو (يعني انعام) آهي ان جي وجهه سان هو الله پاڪ جي بارگاهه ۾ وڌيڪ محبوب ٿيندو آهي.

(فيض القدير شرح الجامع الصغير،386/1-387،تحت الحديث: 486 ملتقطاً)

(25)

## عيب لڳائڻ

اَلنَّبِیُّ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَسَلَّمَ قَالَ: مَنْ رَمٰی مُسْلِمًا بِشَیْءٍ یُرِیْدُ شَیْنَہُ بِہٖ حَبَسَہُ اللّٰہُ عَلٰی جِسْرِ جَھَنَّمَ حَتّٰی یَخْرُجَ مِمَّا قَالَ.

فرمانِ آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: ”جيڪو شخص ڪنهن مسلمان کي ڪا اهڙي ڳالهه چوي، جنهن مان سندس مقصد کيس عيبدار ڪرڻ (عيب ظاهر ڪرڻ) هجي، تہ الله تعاليٰ کيس پلصراط تي ان وقت تائين روڪي رکندو، جيستائين هو ان شيءِ مان نہ نڪري جيڪو هن چيو هو.“ (ابو داوٗد، 355/4، حديث: 4883)

شرحِ حديث: جنهن ڪنهن مسلمان جي حالتن جي جاسوسي ڪئي تہ جيئن ان جو عيب ظاهر ڪري ۽ ان کي شرمندو ڪري، تہ الله پاڪ ان کي پلصراط تي روڪي ڇڏيندو، جيستائين هو پنهنجي مخالف (يعني جنهن جي جاسوسي ڪئي هئي ان) کي راضي نہ ڪري يا عذاب جي ذريعي ان گناهه کان پاڪ نہ ٿي وڃي. (المفاتيح فی شرح المصابيح،242/5،تحت الحديث: 3926)

(26)

# نيڪن جو تذڪرو ڪرڻ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

ذِكْرُ الصّٰلِحِيْنَ كَفَّارَةٌ۔

”يعني نيڪ ٻانهن جو تذڪرو (گناهن جو) ڪفارو (يعني مٽائڻ جو ذريعو) آهي.“ (الفردوس،537/4،حديث:1585،جامعِ صغير، ص264، حديث: 4331)

شرحِ حديث: اهڙا نيڪ ماڻهو جيڪي الله پاڪ ۽ مخلوق جا حق ادا ڪندڙ هجن، انهن جو تذڪرو ڪرڻ صغيره (يعني ننڍن) گناهن کي مٽائيندڙ آهي. (فيض القدير،755/3،تحت الحديث:4331،السراج المنير شرح الجامع الصغير،169/3)

(27)

# ڳالھائڻ کان اڳ سلام ڪرڻ

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

اَلسَّلَامُ قَبْلَ الْكَلَام:

”سلام ڳالھائڻ کان پھرين آھي.“ (ترمذی، 14/5،حدیث:2895)

شرحِ حديث: ڪنھن بہ گفتگو جي شروعات ڪرڻ کان اڳ سلام ڪرڻ سنت آھي، ان تي ڪيتريون ئي حديثون موجود آھن ۽ تمام بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جو لڳاتار عمل بہ مشھور آھي.

(28)

# روزيدار کي پاڻي پيارڻ جو ثواب

قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: مَنْ فَطَّرَ صَائِمًا عَلٰى شَرْبَةٍ مِنْ مَاءٍ سَقَاهُ اللهُ مِنْ حَوْضِيْ شَرْبَةً لَا يَظْمَأُ حَتّٰى يَدْخُلَ الْجَنَّةَ

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جيڪو روزيدار کي پاڻيءَ پياريندو الله پاڪ ان کي منهنجي حوض مان پاڻي پياريندو جو جنت ۾ داخل ٿيڻ تائين اجارو نہ ٿيندو.“

(موسوعہ ابن ابی دنیا،فضائل شہر رمضان،371/1،حديث:41۔صحيح ابن خزيمہ ،191/3، حديث:1787)

**(29)**

# رشوت جي ڏي وٺ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي

عَنْ عَبْدِ اللّٰهِ بْنِ عَمْرٍو، رضی اللّٰہ عنه قَالَ: قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: اَلرَّاشِیْ وَالْمُرْتَشِیْ فِی النَّارِ۔

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

اَلرَّاشِیْ وَالْمُرْتَشِیْ فِی النَّارِ

يعني رشوت وٺڻ وارو ۽ رشوت ڏيڻ وارو جهنمي آهن.

(مسند بزار، 247/3،حديث:1037)

شرحِ حديث: امام خطابي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: (رشوت ڏيڻ وارا ۽ وٺڻ وارا) ٻنهي کي سزا تڏهن ملندي جڏهن ٻئي پنهنجي مقصد ۾ برابر جا شريڪ هوندا. امام اهلسنت اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: رشوت وٺڻ مطلقاً گناهه ڪبيره آهي. رشوت وٺڻ وارو حرام کائڻ وارو ۽ جهنّم جي سخت عذاب جو حقدار آهي. جيڪڏهن ڪو شخص پاڻ تان ظلم ۽ زيادتي ٽارڻ لاءِ يا مجبوريءَ تحت رشوت ڏئي ٿو، ته ان ۾ ڪو حرج ناهي پر پنهنجو حق وٺڻ لاءِ ڏيڻ حرام آهي ۽ وٺڻ وارو ڏيڻ وارو ٻئي جهنّمي آهن. ڪنهن ٻئي جو حق مارڻ لاءِ ڏيڻ يا ڪنهن ٻئي طرح ظلم ڪرڻ جي لاءِ ڏي ته تمام سخت حرام ۽ الله پاڪ جي سخت ناراضگي ۽ انتقام جو حقدار آهي.

(فتاوىٰ رضويه،جلد18ص470 بتسهيل)

## (30)

# مسلمان جي عزت بچائڻ جي فضيلت

اَلنَّبِیُّ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ: مَنْ رَدَّ عَنْ عِرْضِ أَخِيْهِ الْمُسْلِمِ كَانَ حَقًّا عَلَى اللهِ أَنْ يَرُدَّ عَنْهُ نَارَ جَهَنَّمَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ.

فرمانِ آخري نبي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جنهن پنهنجي (مسلمان) ڀاءُ جي عزت بچائي، الله پاڪ ڪيس قيامت جي ڏينهن جهنم جي باهه کان بچائيندو.“ (مسند احمد بن حنبل،428/10،حديث:27606)

(31)

# غربت جو روحاني علاج

«عَلِيٌّ بْنُ اَبِيْ طَالِبٍ كَرَّمَ اللهُ وَجْهَهُ قَالَ قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَنْ قَالَ فِيْ كُلِّ يَوْمٍ مِائَةَ مَرَّةٍ لَا إِلٰهَ إِلَّا اللهُ الْمَلِكُ الْحَقُّ الْمُبِيْنُ كَانَ لَهُ أَمَانًا مِنَ الْفَقْرِ وَأُنْسًا فِيْ وَحْشَةِ الْقُبُوْرِ وَفُتِحَتْ لَهُ أَبْوَابُ الْجَنَّةِ»

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جنهن روزانو 100 ڀيرا: لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْمَلِكُ الْحَقُّ الْمُبِيْن پڙهيو، اهو دنيا ۾ محتاجيءَ (يعني غربت ۽ تنگدستي) کان بچندو، ان کي قبر ۾ گهٻراهٽ نہ ٿيندي ۽ ان لاءِ جنت جا دروازا کوليا ويندا.“ (شرح الصدوربشرح حال الموتى والقبور،ص158)

(32)

## 75 هزار ملائڪن جي چانوَ

مَنْ مَشٰی فِیْ حَاجَةِ أَخِیْهِ الْمُسْلِمِ أَظَلَّهُ اللّٰهُ تَعَالٰی بِخَمْسَةٍ وَسَبْعِیْنَ أَلْفَ مَلَكٍ یَدْعُوْنَ لَهُ، وَلَمْ یَزَلْ یَخُوْضُ فِی الرَّحْمَةِ حَتّٰی یَفْرُغَ، فَإِذَا فَرَغَ كَتَبَ اللّٰهُ لَهُ حَجَّةً وَعُمْرَةً.

فرمانِ آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪو شخص پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ وڃي الله پاڪ 75 هزار ملائڪن جي ذريعي ان تي چانوَ فرمائيندو آهي جيڪي ان لاءِ دعا ڪندا آهن، هو فارغ ٿيڻ تائين رحمت ۾ ٻڏيل رهندو آهي ۽ جڏهن فارغ ٿيندو آهي ته الله پاڪ ان لاءِ حج ۽ عمري جو ثواب لکندو آهي.

(معجم اوسط،222/3،حديث:4396)

(33)

# قربانيءَ جو ثواب

قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: «مَنْ ضَحَّى طَيِّبَةً بِهَا نَفْسُهُ، مُحْتَسِبًا لِأُضْحِيَّتِهِ؛ كَانَتْ لَهُ حِجَابًا مِنَ النَّارِ»

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "جنهن خوش دلي سان ۽ ثواب جي نيت سان قرباني ڪئي، اها جهنم جي باهه کان هڪ رڪاوٽ (پردو) بڻجي ويندي." (معجم ڪبير، 3/84، حديث: 2736)

(34)

# نمازيءَ کي ڪلمو نصيب ٿيندو آهي

فَمَنْ كَانَ يُحَافِظُ عَلَى الصَّلَوَاتِ دَنَا مِنْهُ الْمَلَكُ وَدَفَعَ عَنْهُ الشَّيْطَانَ، وَيُلَقِّنُهُ الْمَلَكُ لَا إِلَهَ إِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَسُوْلُ اللهِ، وَذٰلِكَ الْحَالُ الْعَظِيْمُ.

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جيڪو نماز جو پابند هوندو آهي، موت وقت ملائڪ ويجهو اچي شيطان کي ان کان پري پڇائيندو آهي ۽ کيس ڪلمہ طيبہ پڙهائيندو آهي.“ (معجم ڪبير، 220/4، حديث: 4188)

(35)

# مغفرت جو سبب

اِنَّ مِنْ مُوْجِبَاتِ الْمَغْفِرَةِ بَذْلُ السَّلَامِ، وَحُسْنُ الْكَلَامِ

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: سلام کي عام ڪرڻ ۽ سٺي گفتگو ڪرڻ بخشش جا سبب آهن. (معجم کبير،180/22، حديث: 469)

(36)

# ماءُ پيءُ جي پيرن هيٺان جنت آهي

فَقَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: «أَلَكَ وَالِدَانِ» قُلْتُ: نَعَمْ، قَالَ:

«اِلْزَمْهُمَا فَإِنَّ الْجَنَّةَ تَحْتَ أَرْجُلِهِمَا»

پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ شخص کي فرمايو: ”ماءُ پيءُ (جي خدمت) کي پاڻ تي لازم ڪر، ڇو تہ جنت انهن جي قدمن جي هيٺان آهي.“ (معجم کبير،289/2،حديث:2202)

(37)

# سٺي نيت جو ثواب.....

اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: سٺي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪرائيندي. (ثواب بڑھانے کے نسخے، ص 1) (فردوس الاخبار 377/2،حدیث:7146)

(38)

# مٽن مائٽن سان تعلق جوڙي رکو

لَايَدْخُلُ الْجَنَّةَ قَاطِعُ رَحِمٍ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: رشتيداري ٽوڙيندڙ (يعني مٽن مائٽن سان تعلق ٽوڙڻ) وارو جنت ۾ نہ ويندو. (مسلم، ص1062،حديث:6520)

شرحِ حديث: اهلسنت وٽ هن جو مطلب هي آهي تہ جيڪڏهن اللّٰہ پاڪ ان تي هن وعيد کي نافذ فرمايو تہ هو جنت ۾ داخل نہ ٿيندو ڇوتہ نافرمان مسلمانن جي باري ۾ اللّٰہ پاڪ جي وعيدن جي متعلق اهلسنت جو اجماع آهي تہ اللّٰہ پاڪ چاهي تہ انهن کي عذاب ڏي، چاهي تہ انهن کي معاف فرمائي ڇڏي هن کي اختيار آهي.

(شرح صحيح البخارى لابن بطال ، 9/ 203)

(39)

# قرض دِين جو عيب آهي

اَلدَّيْنُ شَيْنُ الدِّيْنِ (مسندا لشهاب،53/1،حديث:31)

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”قرض دين جو عيب آهي.“

شرحِ حديث: ڇو جو ان ۾ وقتي طور ذلت ۽ مستقبل ۾ واعدي خلافيءَ جو خطرو هوندو آهي. (مرقاة المفاتيح، 2/ 752)

(40)

# محبت واري نظر


مَنْ نَظَرَ إِلَى أَخِيْهِ نَظْرَةً لَيْسَ فِيْ قَلْبِهِ أَوْ صَدْرِهِ حِنَّةٌ لَمْ يَرْجِعْ إِلَيْهِ طَرْفُهُ حَتّٰى يَغْفِرَ اللهُ لَهُمَا مَا مَضٰى مِنْ ذُنُوْبِهِمَا

(شعب الايمان،5/270، حديث:6624)

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جيڪو پنهنجي مسلمان ڀاءُ ڏانهن محبت ڀري نظر سان ڏسي ۽ سندس دل ۾ ڪا عداوت (دشمني) نہ هجي، تہ نظر موٽڻ کان اڳ ٻنهي جا گذريل گناھ بخشيا ويندا.“

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!          صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

ايندڙ هفتي جو رسالو




فیضانِ مدینہ محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net